# معجزو ٻڌجي آيو
# اسان جو نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

09-November-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# معجزو بڻجي آيو اسان جو نبي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ،راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رَحمت نِشان آهي: جيڪو مون تي درودِ پاڪ پڙهندو آهي ان جو درودِ پاڪ مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ استغفار ڪندو آهيان ۽ ان جي علاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون ويندو آهن. (معجم اوسط ،من اسمہ احمد، ۱/ ۴۴۶،رقم: ۱۶۴۲)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غفور بَخْش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

**مختصروضاحت:** اي منهنجا ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان اِعتِراف ڪيون ٿا تہ اسان جا گناھ تمام گهڻا آهن پر اوهان ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ تمام گهڻو

درگذر ڪرڻ وارا ۽ بخشش عطا ڪرڻ وارا آهيو، تنهنڪري اسان جي جُرمن ۽ خطائن کي بہ بخشي ڇڏيو. اللّٰہ پاڪ اوهان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين دُرُود ۽ سلام نازل فرمائي.

## حضور جي مرڪڻ سان سُئي ملي وئي

اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ (Lamp) بہ وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سڄو گهر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: وَيلٌ لِّمَنۡ لَّا يرَانِي يوۡمَ الۡقِيامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا يُصَلِّ عَلَیَّ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِی، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو. (القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترك الصلاة ۔۔۔الخ، ص٣٠٢)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هر مسلمان تي عمر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض ۽ هر مجلس ۾ جتي بار بار حضورِاڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو ورتو وڃي هڪ ڀيرو واجب آهي ۽ هر ڀيري (جڏهن نالو اچي تہ درود پڙهڻ) مستحب آهي. (مرآة المناجيح، ٢/٩٧)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے  شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

**مختصر وضاحت:** يعني اسان جي پياري آقا، نور واري مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مرڪڻ سبب اهڙو نُور نڪرندو آهي جنهن جي روشني ۾ گم ٿيل سُئي

ملي ويندي آهي، جڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان نڪرڻ وارو نور رات جي اونداهي کي ڏينهن جي اُجالي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ''نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ'' يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذۡكُرُوالله , تُوۡبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سڀ کان پهريان ته اسان کي الله پاڪ جو لک لک شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو جنهن اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر (12) ربيع الاول جي مقدس نوراني رات نصيب فرمائي. اَڄُ جي رات وڏي رات آهي. هي رات

وڏي عظيم الشان رات آهي. هي رات وڏي فضيلتن ۽ برڪتن واري مقدس رات آهي. هي اها رات آهي جنهن کي ڪائنات جي سڀ کان وڏي شان ۽ شوڪت واري هستي سيد الانبياء، تاجدارِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سان نسبت آهي. هي اها رات آهي جو جنهن ۾ آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي مڪانِ رحمت مان اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄي عالم کي جڳمڳ جڳمڳ ڪري ڇڏيو. هي اها رات آهي جنهن ۾ هر طرف خوشين جو سمان چانئجي ويو. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ هر طرف نور جي روشني ڦهلجي وئي. هي اها رات آهي جنهن ۾ ڪفر ۽ شرڪ جون سيئي ظلمتون گم ٿي ويون. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ مؤمنن تي احسانِ عظيم ڪيو. هي اها رات آهي جنهن ۾ شيطان پنهنجي ساٿين سان خوار ٿيو. هي اها عظيم رات آهي جو هن رات آسمان جا تارا بہ زمين جي طرف مائل ٿيڻ لڳا. هي اهارات آهي جيڪا تمام راتين جي سردار آهي. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ مڪانِ آمنہ مان اهڙو نور چمڪيو جهن سان اوڀر ۽ اولهہ روشن ٿي ويا. هي اها رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان ملائڪن جي سردار جبريل امين اوڀر ۽ اولهہ ۽ خانہ ڪعبہ تي جهندا لڳايا. (خَصائصِ کبریٰ، ۸۲/۱ ملخصاً)

هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي محبوب جي تشريف آوري تي ايران جي بادشاہ جي محل تي زلزلو آيو ۽ ان جي محل ۾ ڏار پئجي ويا. هي اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ ايران جو هڪ هزار سالن کان برندڙ آتش ڪدو پاڻهي وسامي ويو. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنت جا دروازا کوليا ويا. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ آسمان مان نور جون بارشون ٿيڻ لڳيون. هي اها رات آهي جنهن ۾ ملائڪن بہ بيبي آمنہ جي دلبر جي آمد جون خوشيون ملهايون. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ تاجدارِ حرم، شهنشاهِ عرب و عجم، شفع امم، نورِ مجسم، رحمتِ عالم، نبي محتشم، شاهِ بني آدم، سراپا جود و ڪرم، دافعِ رنج و آلم، سيدالانبياء، جنابِ احمد مجتبيٰ، محمد رَّسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي دنيا جي

تشريف آوري ٿئي ۽ اهي مجسمِ رحمت هن ڪائنات ۾ تشريف ڪٺي آيا ته ڪفر ۽ شرڪ جون تمام ظلمتون ختم ٿي ويون. مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڇا خوب فرمائن ٿا:

سحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ　　کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ　　عَدُو کے دل کو کٹاری ہے بارہویں تاریخ
اسی نے مَوسمِ گُل کو کیا ہے موسمِ گُل　　بہارِ فصلِ بہاری ہے بارہویں تاریخ
ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں　　خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ
فلک پہ عرشِ بریں کا گُمان ہوتا ہے　　زمینِ خُلد کی کیاری ہے بارہویں تاریخ
تمام ہوگئی میلادِ انبیا کی خوشی　　ہمیشہ اب تِری باری ہے بارہویں تاریخ
دلوں کے میل دُھلے گُل کِھلے سُرُور ملے　　عجیب چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
چڑھی ہے اَوج پہ تقدیر خاکساروں کی　　خُدا نے جب سے اُتاری ہے بارہویں تاریخ
خُدا کے فضل سے ایمان میں ہیں ہم پورے　　کہ اپنی روح میں ساری ہے بارہویں تاریخ
ولادتِ شہِ دیں ہر خُوشی کی باعث ہے　　ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُو نے غلاموں کے دل کیے ٹھنڈے　　جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حَسَن ولادتِ سرکار سے ہوا روشن　　مِرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ

(ذوقِ نعت، ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان ٻڌو ته اَڄُ جي رات اها عظيم رات آهي جنهن ۾ نور وارا آقا، مڪي مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نور جي خيرات ورهائڻ ۽ جهان ڪي پنهنجي نور سان جڳمگائڻ لاءِ

هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا اچو! بيان ڪان پهريان عاشقِ ماهِ ميلاد ۽ عاشقِ ماهِ رِسالت، اميرِ اهلسنّت، بانيِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا، ٿي سگهي تہ مدني پرچم بلند ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يا مصطفيٰ جي ڌُوم مچايو.

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا.. مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَڄ اسان جي بيان جو موضوع آهي”معجزو بڻجي آيو اسان جو نبي“. جنهن ۾ اسان رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت ۽ ولادت جي وقت ظاهر ٿيڻ وارن معجزن ۽ سندن جي مختلف معجزن جي باري ۾ ٻڌنداسين.

يقيناً هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نبي آخر الزّمان صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام نبين جا سردار آهن. ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مقدسہ تمام نبين جي مقدس زندگين جو خلاصو آهي ۽ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالمِ ڪائنات ۾ اولين ۽ آخرين جي تمام قومن جي طرف نبي بڻجي آيا. انڪري الله پاڪ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي کي گذريل نبين جي سيني معجزن جو مجموعو بڻايو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي طرحين طرحين جي

اهڙن بيشمار معجزن سان سرفراز فرمايو، جيڪي هر طبقي، هر ٽولي، هر قوم ۽ تمام اهلِ عرب جي مزاج جي لاءِ ضروري هئا. (سيرتِ مُصْطَفٰے، ص۷۱۲ تا۷۱۴،ملخصًا و ملتقطاً)

اچو! سڀ ڪان پهريان پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ جي ادائن جي بابت ٻڌون ٿا!

## ولادت باسعادت

حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيدائش جي تاريخ ۾ اختلاف آهي. پر مشهور قول اهو ئي آهي تہ "اصحابِ فيل" جي واقعي ڪان پنجونجاهہ ڏينهن پوءِ 12 ربيع الاول مطابق 20 اپريل سنہ571ء ولادت باسعادت جي تاريخ آهي. مڪي وارن جو بہ انهيءَ تي عمل آهي تہ اهي ماڻهو ٻارهن ربيع الاول تي دربارِ نبوت جي زيارت لاءِ ويندا آهن ۽ اتي ميلاد شريف جون محفلون منعقد ڪندا آهن.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 14)

دنيا جي تاريخ ۾ هي اهو نرالو ۽ عظمت وارو ڏينهن آهي جو اِنهي ڏينهن عالَمِ هستي جي وجود جو باعث، گردشِ ليل و نهار جو مطلوب، خُلقِ آدم جي رَمزَ، نوح جي ٻيڙي جي حفاظت جو راز، بانيءِ ڪعبہ جي دعا، ابن مريم جي بشارت جو ظهور ٿيو. ڪائناتِ وجود جي مُنجهيل زلفن کي سنوارڻ وارو، پوري جهان جي بگڙيل نظامن کي سُڌارڻ وارو، يعني

وہ نبیوں میں رحمت لقب پانے والا | مرادیں غریبوں کی بر لانے والا
مصیبت میں غیروں کے کام آنے والا | وہ اپنے پرائے کا غم کھانے والا
فقیروں کا ماویٰ، ضعیفوں کا ملجا | یتیموں کا والی، غلاموں کا مولیٰ

سند الاصفياء، اشرف الانبياء، احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 14 ملخصا

عالمِ وجود ۾ رونق افروز ٿيا ۽ پاڪ بدن، ناڙو مبارڪ ڪٽيل، طهر ٿيل، خوشبو ۾ رَچيل سجدي جي حالت ۾، مڪ مڪرمہ جي مقدس سر زمين تي پنهنجي والد ماجد جي گهر ۾ پيدا ٿيا. ان وقت دنيا تي والد ماجد نہ هئا جو ڪين سڏيو وڃي ها ۽ پنهنجي پيدا ٿيندڙ پٽ ڪي ڏسي خوش ٿين ها. اهي تہ پهرين ئي وفات ڪري ويا هئا. ڏاڏي کي گهرايو ويو جيڪي ان وقت ڪعبة الله جي طواف ۾ مشغول هئا. اها خوشخبري ٻڌي ڏاڏا "عبدالمطلب" خوشي خوشي حرمِ ڪعبہ کان پنهنجي گهر آيا ۽ نهايت جوشِ محبت ۾ پنهنجي پوٽي کي سيني سان لڳايو. پوءِ ڪعبي ۾ ڪٺي وڃي خير و برڪت جي دعا گهري ۽ "محمد" نالو رکيو[1]. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو لهب جي ٻانهي "ثُوَيْبَہ" خوشيءَ وچان ڊوڙندي وئي ۽ "ابولهب" کي سندس ڀائٽي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي تہ ان (ابولهب) خوشي ۾ شهادت جي آڱر جي اشاري سان "ثُوَيْبَہ" کي آزاد ڪري ڇڏيو. جنهن جو فائدو ابو لهب کي اهو مليو تہ ابولهب جي مرڻ کان پوءِ ان جي گهر وارن ان کي خواب ۾ ڏٺو ۽ حال پڇيو ويو تہ ان پنهنجي آڱر ڪڍي اهو چيو تہ توهان کان جدا ٿيڻ کان پوءِ مون کي ڪجهہ (کائڻ پيئڻ) لاءِ نہ مليو سواءِ ان جي جو "ثُوَيْبَہ" کي آزاد ڪرڻ جي سبب هِن آڱر جي ذريعي ڪجهہ پاڻي پياريو وڃي ٿو[2].

(بخاري ج 2 باب وامهاتكم التي ارضحنكم)

ان موقعي تي حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ تمام سوچڻ ۽ سمجهڻ واري ڳالهہ تحرير فرمائي آهي جيڪا اهلِ محبت جي لاءِ تمام ئي لذت بخش آهي. اهي لکن ٿا تہ هن موقعي تي ميلاد ڪرڻ وارن لاءِ سَنَد آهي تہ اُهي حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شبِ ولادت ۾ خوشي ملهائيندا آهن ۽ پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن. مطلب اهو آهي تہ جڏهن ابو لهب

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ولادة ............النع ، ج 1 ص 232

[2] (صحيح البخاري، ڪتاب النڪاح، باب وامهاتڪن اللاتي ارضعنكم، الحديث: 5101 ج 3، ص 432، والمواهب اللدينة مع شرح الزرقاني، ذڪر رضاعه ﷺ ..... الخ ، ج 1، ص 259)

ڪي جيڪو ڪافر هو ۽ جنهن جي مذمّت ۾ قرآن شريف نازل ٿيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت تي خوشي ملهائڻ ۽ ٻانهيءَ کي آزاد ڪرڻ تي جزا ڏني وئي ته پوءِ ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ خوشي ملهائي ٿو ۽ پنهنجو مال خرچ ڪري ٿو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 19)

## برڪاتِ نبوت جو ظهور

جيئن منقول آهي ته ولادت کان ڪجھ ڏينهن پهريان اصحابِ فيل جي هلاڪ ٿيڻ جو واقعو پيش اچڻ، فارس ۾ غير مسلمانن جي هڪ هزار سال کان ٻرڪايل باھ ان جو هڪ گهڙي ۾ وسامجي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل جو زَلزلو ۽ ان جي چوڏانهن (14) ڪنگرن جو ڪرڻ، ”همدان“ ۽ ”قُم“ نالي شهرن جي وچ ۾ ڇھ ميل ڊگهي ڇھ ميل ويڪري ”بُحَيرهٔ ساوَه“ نالي دريا جو اوچتو بلڪل سڪي (Dry) وڃڻ، حضورپُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مُبارَڪ مان هڪ اهڙي نُور جو نڪرڻ، جنهن سان ”بصريٰ “ جا محل روشن ٿي ويا، اهي سڀ واقعا انهيءَ سلسلي جو حصو آهن ته حضورِاڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري کان پهريان ئي عالمِ ڪائنات کي خوشخبري ڏيڻ لڳا. (المواهب اللدنية وشرح الزرقاني،ولادته...الخ، ١٦٧/١، ٢٢٧،٢٢٨،٢٢١)

اندھیروں میں بھٹکتے پھرنے والوں کو مبارک ہو — تمہیں حق سے ملانے آج رہبر آنیوالا ہے
اگر نہ آج جھومو گے تو کب جھومو گے دیوانو! — مچل جاؤ تمہارا آج یاور آنے والا ہے
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۴۴۶تا۴۴۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** يقيناً اسان جا نُوري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي مثل ۽ بي مثال

[1] مدارج النبوت، قسم دوم باب اول، ذڪر نسب وحمل و ولادت ..... الخ، ج 2، ص 19

آهن، جنهن جو اندازو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت سان به لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ اقدس اهڙي ته پاڪيزه، مقدس ۽ پُرنُور ٿي ته جنهن جو ڪو مثال نه ڪڏهن پيش ڪيو ويو آهي ۽ نه ڪڏهن پيش ڪري سگهجي ٿو،

الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب، ڪل اُمّت جي طبيب صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو بي مثل ۽ بي مثال بڻايو آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي جو هر پهلو به بي مثل ۽ بي مثال آهي، ايستائين جو سندن **ولادتِ باسعادت** به اهڙي آهي جو نه ڪنهن جي اهڙي ولادت ٿي آهي نه ٿيندي. جڏهن پاڻ عَلَیْهِ السَّلَام جي ولادت ٿي ته ڄڻ ته هر پاسي نُور جي برسات ٿيڻ لڳي ۽ ڄڻ سڄي ڪائنات جڳمڳائڻ لڳي ۽ هر پاسي **نور ئي نور** ٿي ويو. اچو هن طرح جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا:

## زمانو روشن ٿي ويو

حضرت عثمان بن ابي العاص رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته منهنجي والده مون کي ٻڌايو ته مان ان رات حضرت سيدتنا آمنه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ هيس، جنهن رات رسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي، مون گهر ۾ هر پاسي روشني ۽ نُور ڏٺو ۽ محسوس ڪندي هيس ڄڻ تارا قريب کان قريب تر ٿي رهيا آهن. ايستائين جو مون کي ائين لڳو ته اهي تارا مون مٿي ٽٽي پوندا، پوءِ جڏهن سرڪارِ نامدار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا ته هڪ نُور ظاهر ٿيو جنهن سان هر شيءِ روشن ٿي وئي، ايستائين جو نُور کان سواءِ ڪجھ نظر نه ايندو هو. (الخصائص الكبري، باب ما ظهر في ليلة مولده من المعجزات و الخصائص،۱/۷۸ )

گود میں عالمِ شباب حالِ شباب کچھ نہ پوچھ      گُلبنِ باغِ نور کی اور ہی کچھ اُٹھان ہے

(حدائقِ بخشش،ص۱۷۹)

## نندپڻ جون ادائون

حضرت حليمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا جو بيان آهي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پينگهو فرشتن جي لوڏڻ سان لُڏندو هو ۽ پاڻ نندپڻ ۾ چنڊ ڏانهن آڱر کڻي اشارو فرمائيندا هئا تہ چنڊ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آڱر جي اشاري تي حرڪت ڪندو هو جڏهن سندن زبان کلي تہ سڀ کان پهرين جيڪو ڪلام سندن زبان مبارڪ مان نڪتو اهو هي هو اَللّٰہُ اَکۡبَر اَللّٰہُ اَکۡبَر الحمد للّٰہ رب العالمين وسبحان اللّٰہ بکرة واصيلا ٻارن جي عادت جي مطابق ڪڏهن بہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪپڙن ۾ بول و براز (پيشاب ۽ پاخانو) نہ فرمايو، هميشہ هڪ خاص وقت تي رفع حاجت فرمائيندا هئا. جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شرم گاهہ کُلي ويندي هئي تہ پاڻ روئي فرياد ڪندا هئا ۽ جيستائين شرم گاهہ نہ ڍڪجي ويندي هئي تيسيتائين حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي چين ۽ سُڪون نہ ايندو هو جيڪڏهن شرم گاهہ لِڪائڻ ۾ مون کان دير ٿي ويندي هئي تہ غيب کان ڪو سندن شرم گاهہ لِڪائي ڇڏيندو هو. جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پيرن تي هلڻ لڳا تہ ٻاهر وڃي ٻارن کي راند ڪيڏندي ڏسندا هئا پر پاڻ راند روند ۾ شريڪ نہ ٿيندا هئا ٻار کين کيڏڻ لاءِ سڏيندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ آئون کيڏڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهيان.[1] (مدارج النبوة ج2، ص 21)

سبحٰن اللّٰہ! آقا ڪريم جن جي نندپڻ جون ڇا تہ ادائون هيون اڇو! سندن جي هڪ ادا متعلق سندن جي چاچي حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي زباني هڪ معجزو ٻڌون ٿا:

حضرت قاضي عياض مالڪي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: حضرت عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پنهنجي اسلام آڻڻ جو سبب بيان ڪندي عرض ڪيو يارسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جڏهن ٻار هوندا هئا تہ مان ڏسندو هئس تہ اوهان پينگهي ۾ هوندا هئا ۽ پنهنجي آڱر جي اشاري سان چنڊ سان کيڏندا هئا. جيڏانهن اشارو ڪندا هئا

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 20

اوڏانهن چنڊ هلندو هو، مونکي حيرت وٺي ويندي هئي. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بس اهو ئي سبب آهي جو مون اوهان تي ايمان آندو.(شفا شريف ص431)

## کير پيئڻ جو زمانو

سڀ کا پهرين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابو لهب جي لونڊي "حضرت ثُوَيْبَہ" جو کير نوش فرمايو پوءِ پنهنجي والده ماجده حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي کير سان سيراب ٿيندا رهيا، پوءِ حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ساڻ وٺي وئي ۽ پنهنجي قبيلي ۾ رهائي کين کير پياريندي رهي ۽ انهن وٽ ئي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي کير پيئڻ جو زمانو گذريو[1]. (مدارج النبوة ج2، ص 18)

عرب جي ماڻهن جي عادت هئي تہ اهي پنهنجي ٻارن کي کير پيارڻ جي لاءِ پَرَ وارن ڳوٺن ۾ موڪلي ڇڏيندا هئا، ڳوٺ جي صاف ستري آبهوا ۾ ٻارن جي تندرستي ۽ جسماني صحت بہ سٺي ٿي ويندي هئي ۽ هو خالص ۽ فصيح عربي زبان بہ سکي وٺندا هئا ڇو تہ شهر جي زبان ٻاهرين ماڻهن جي اچ وڃ سان خالص، فصيح ۽ بليغ نہ رهندي هئي.

حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ مان "بني سعد" جي عورتن سان گڏ کير پيئڻ وارن ٻارن جي تلاش ۾ مکي ويس. ان سال عرب ۾ تمام سخت ڏڪار پيل هو منهنجي جهولي ۾ هڪ ٻار هو پر غُربت ۽ بُک جي ڪري منهنجي ڇاتيءَ ۾ ايترو کير نہ هو جو ان کي ڪافي ٿئي. سڄي رات اهو ٻار بک جي ڪري تڙپندو ۽ روئندو رهندو هو ۽ اسان ان جي دلجوئي ۽ دلداري جي لاءِ سڄي رات ويهي گذاريندا هئاسين. هڪ ڏاچي بہ اسان وٽ هئي پر ان ۾ بہ کير نہ هو، مکي شريف جي سفر ۾ جنهن خچر تي آئون سوار هيس اهو بہ ايترو ڪمزور هو جو قافلي وارن سان گڏ نہ پئي هلي سگهيو، مونسان گڏ هلڻ وارو قافلو بہ ان مان تنگ اچي چڪو هو. وڏين مشڪلن سان هي سفر مڪمل ٿيو جڏهن هي قافلو مکي پهتو تہ

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج 2، ص 18_19 ملخصاً

جيڪا به عورت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسندي ۽ اِهو ٻڌندي هئي ته هي يتيم آهن ته ڪابه عورت کين کڻڻ جي لاءِ تيار نه ٿيندي هئي، ڇو ته ٻار جي يتيم هئڻ جي ڪري گهڻو انعام ۽ اڪرام ملڻ جي اميد نه هئي. هوڏانهن حضرت حليمه سعديه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي قسمت جو ستارو ثريا کان وڌيڪ بلند ۽ چنڊ کان وڌيڪ روشن هيو. ان جي کير جي گهٽتائي ان جي لاءِ رحمت جو باعث بڻجي وئي ڇو ته کير گهٽ ڏسي ڪنهن به پنهنجو ٻار ان کي ڏيڻ پسند نه ڪيو.

حضرت حليمه سعديه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس "حارث بن عبد العزيٰ" کي چيو ته اِهو ته سٺو نٿو لڳي ته آئون خالي هٿين واپس وڃان، ان کان بهتر اهو آهي ته آئون هن يتيم کي ئي کڻي هلان، مڙس ان ڳالهه کي منظور ڪري ورتو ۽ حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان دُرِ يتيم کي کڻي آئي جنهن سان نه صرف حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ حضرت آمنه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ۾ پر پوري ڪائناتِ عالَم جي اوپر ۽ اولهه ۾ روشني ٿيڻ واري هئي هي خداوندِ قدوس جو فضلِ عظيم ئي هو جو حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي سُتل قسمت جاڳي پئي ۽ سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي هنج ۾ اچي ويا. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي تنبوءَ ۾ آڻي جڏهن کين کير پيارڻ ويني ته رحمت جي برسات وانگر برڪاتِ نبوت جو ظهور شروع ٿي ويو خدا جو شان ڏسو ته حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مبارڪ پستانن (ڇاتيءَ مبارڪ) ۾ ايترو ته کير لٿو جو رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ انهن جي رضاعي ڀاءُ به پيٽ ڀري کير پيتو ۽ ٻئي آرام سان سمهي پيا، هوڏانهن ڍاچيءَ کي ڏنائون ته ان جا ٿڻَ به کير سان ڀرجي ويا هئا. حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مڙس ان جو کير ڏُڌو. پوءِ زال، مڙس ٻئي پيٽ ڀري پوري رات سک ۽ آرام جي ننڊ ستا.

حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو مڙس حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون هي برڪتون ڏسي حيران رهجي ويو ۽ چوڻ لڳو ته حليمه! تون ته برڪتن سان مالا مال ٻار کڻي آئي آهين. حضرت حليمه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چيو واقعي مون کي به اها ئي اميد آهي ته هي تمام ئي بابرڪت ٻار آهي ۽ خدا جي رحمت بڻجي اسان کي مليو آهي

۽ مون کي اها ئي توقع آهي ته هاڻي اسان جو گھر خير ۽ برکت سان ڀرجي ويندو[1].

حضرت حليمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون ته ان کان پوءِ اسان رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي هنج ۾ کڻي مکي شريف کان پنهنجي ڳوٺ روانا ٿياسين ته منهنجو اهو ئي خچر هاڻي ايترو ته تيز هلڻ لڳو جو ڪنهن جي به سواري ان جي دَزَ کي به نه ٿي پهچي سگهي. قافلي جون عورتون حيران ٿي مون کي چوڻ لڳيون ته اي حليمہ! رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا ڇا هي اهو ئي خچر آهي؟ جنهن تي تون سوار ٿي آئي هئينءَ يا ڪو ٻيو تيز هلڻ وارو خچر تو خريد ڪيو آهي؟ بالآخر جڏهن اسان پنهنجي گھر پهتاسين اتي تمام سخت ڏڪار پيل هو ۽ جانورن جي ٿڻن ۾ کير سڪي چڪو هو پر منهنجي گھر ۾ پير رکندي ئي منهنجي ٻڪرين جا ٿڻ کير سان ڀرجي ويا. هاڻي روز منهنجون ٻڪريون جڏهن چري گھر واپس ايندييون هيون ته انهن جا ٿڻ کير سان ڀريل هوندا هئا. جڏهن ته پوري ڳوٺ ۾ ڪنهن ٻِئي کي پنهنجي جانورن مان کير جو هڪ ڦُڙو به نه ملندو هو. منهنجي قبيلي وارن پنهنجي ڌنارن کي چيو ته توهان به پنهنجي جانورن کي انهي جڳھ چاريو جتي حليمہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جا جانور چرن ٿا. اهڙي طرح سڀ ماڻهو انهي جاءِ تي پنهنجا جانور چارڻ لڳا جتي منهنجون ٻڪريون چرنديون هيون پر هتي ته چراگاهه (يعني چرڻ جي جڳھ) ۽ جهنگ جو ته ڪوبہ عمل دخل نہ هو هي ته رحمتِ عالَم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي برڪتِ نبوت جو فيض هو جنهن کي مون ۽ منهنجي مڙس کان سواءِ منهنجي قوم جو ڪوبہ شخص نٿي سمجهي سگھيو[2].

مطلب ته اهڙي طرح اسان هر وقت هر قدم تي لڳاتار رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي برڪتن جو مشاهدو ڪندا رهياسين ايستائين جو ٻہ سال پورا ٿي ويا ۽ مون

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص19،20 ملخصاً ولموهب اللدينة مع شرح الزرقائي، ذڪر رضاعه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، ج1، ص 79

[2] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص20، ملتقطاً

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي ڪير پيارڻ ڇڏائي ڇڏيو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تندرستي ۽ نشونما جو حال ٻين ٻارن کا ايترو سنو هو جو ٻن سالن ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام وڏا معلوم ٿيڻ لڳا، هاڻ اسان دستور موجب رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي والده وٽ وٺي آياسين ۽ ان حسبِ توفيق اسان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيو[1].

توڙي جوقاعدي موجب هاڻي اسان کي رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پاڻ وٽ رکڻ جو ڪوبہ حق نہ هو پر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت جي برڪت جي ڪري هڪ گهڙي جي لاءِ بہ اسان کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي پسند نہ هئي. عجيب اتفاق جو ان سال مڪي معظم ۾ وبائي بيماري پکڙيل هئي تنهنڪري اسان ان وبائي بيماري جو بهانو ڪري حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا کي راضي ڪري ورتو ۽ پوءِ رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي واپس پنهنجي گهر آندو ۽ پوءِ اسان جو گهر رحمتن ۽ برڪتن جي کاڻ بڻجي ويو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ نهايت خوش و خرم رهڻ لڳا جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهہ وڏا ٿيا تہ گهر کان ٻاهر نڪرندا ۽ ٻين ٻارن کي کيڏندي ڏسندا هئا پر پاڻ هميشہ هر قسم جي راند روند کان پري رهندا هئا[2]. هڪ ڏينهن مون کي چوڻ لڳا تہ پياري امان! منهنجا ٻيا ڀائر ڀينرون سجو ڏينهن نظر نٿا اچن اُهي هميشہ صبح جو اٿي روزانو ڪاڏي هليا ويندا آهن؟ مون چيو اهي ٻڪريون چارڻ ويندا آهن اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مهربان امان! توهين مون کي بہ منهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ موڪليندا ڪريو. تڏهن رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اصرار کان مجبور ٿي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا پنهنجي ٻارن سان گڏ ٻڪريون چارڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ حَضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو جتي حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا جون ٻڪريون چرنديون هيون اُتي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، من خصائصه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1،ص 279، الموهب اللدينة، ذڪر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1 ص 82

[2] شرح الزرقاني علي الموهب، من خصائصه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج 1، ص 278 ماخوذاً

تشريف کڻي ويندا رهيا ۽ ٻڪريون چراگاهه ۾ ڪاهي وڃي انهن جي سار سنڀال ڪرڻ لڳا، جيڪا تمام انبياءِ ڪرام ۽ رسولن عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت آهي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عمل سان نندپڻ ۾ ئي پنهنجي هڪ خصلتِ نبوت جو اظهار فرمائي ڇڏيو[1].

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي باري ۾حضرتِ سَيدُنا شاهه وَلِي الله محدثِ دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مان هڪ ڀيرو ان محفلِ ميلاد ۾ حاضر ٿيس، جيڪا مڪي شريف ۾ رَبِيعُ الاَوَّل جي ٻارهين تاريخ تي مولدُ النبي (يعني سرڪارصَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت گاهه) ۾ منعقد ٿي، جنهن وقت ولادت جو ذڪر پڙهيو پئي ويو ته مون ڏٺو ته اوچتو ان مجلس مان ڪجهه انوار بُلند ٿيا، مون انهن انوارن تي غور ڪيو ته معلوم ٿيو ته اهي رحمتِ الٰهي ۽ انهن ملائڪن جا انوار هئا جيڪي اهڙين محفلن ۾ حاضر ٿيندا آهن- (سيرتِ مصطفي ،ص ٧٢-٧٣)

اے فَرشِيو مبارَک اے عَرشِيو مبارَک ‍ ‍ ‍ ‍ دونوں جہاں کے سروَر تشریف لا رہے ہیں

(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص٣٠١)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيب! ‍ ‍ ‍ ‍ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو ته جشنِ عيد ميلادُالنبي جي محفل ۾ ربّ ڪريم جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي، اَنوارِ الٰهي جي برسات ٿيندي آهي، رحمت جا ملائڪ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ ميلاد ملهائڻ وارن کي پنهنجي نوراني پرن سان گهيري وٺندا آهن، ميلاد شريف ملهائڻ وارن سان رب ڪريم خوش ٿيندو آهي ۽ ان تي پنهنجن انعامن ۽ نوازشن جي بارش به ڪندو آهي. يقيناً ميلاد شريف ملهائڻ، ميلاد جي مهيني ۾ پنهنجن گهرن، محلي جي گهٽين بلڪ پنهنجي گاڏين کي مدني پرچمن،

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج 2، ص21

جڳمڳ ڪندڙ ڦمڦمن، رنگ برنگي لائٽن سان سجائڻ، ربيع الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي نيڪ عمل ۽ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ ۽ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو سبب ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. اسان کي به گهرجي ته جڏهن به سنتن ڀري اجتماع يا مدني مذاڪري ۾ حاضريءَ جي سعادت ملي ته باادب انداز ۾ توجھ سان ٻڌڻ جي عادت ٺاهيون. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

خليفهءِ مفتيءِ اعظم هند، محدثِ اعظم حجاز حضرت شيخ سيد محمد بن علوي مالڪي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ نقل ڪن ٿا: منهنجي والد حضرت سَيد عباس مالڪي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ ٻڌايو: آئون بيتُ المقدس ۾ ٻارهين شريف جي رات محفلِ ميلاد ۾ شريڪ هئس، مون ڏٺو ته هڪ پوڙهو شخص ابتداء کان وٺي آخر تائين انتهائي ادب ۽ احترام سان ويهي محفل ميلاد ۾ شريڪ هو، جڏهن ڪنهن سڄي محفل ويهي ٻڌڻ جو سبب پڇو ته ان ٻڌايو ته هو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ٻڌڻ وقت تعظيم طور ويهڻ کي بدعتِ سيئہ (برو عمل) سمجهندو هيو. هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺو ته هو هڪ تمام وڏي اجتماع ۾ شريڪ آهي ۽ ماڻهو نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ بيٺا آهن، جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد ٿي ته تمام ماڻهن اِنتهائي ادب ۽ اِحترِام سان حُضُور جو استقبال ڪيو، پر اهو سندن جي تعظيم ۾ بيٺو نه هو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي فرمايو: "**تون هاڻي ويهي نه سگهندين**"جڏهن ان جي اک کلي ته ان ڏٺو ته اهو ان وقت به وينل آهي. ان پريشاني ۾ هڪ سال گُذري ويو پر اهو ويهي نه سگهيو، آخرڪار ان اها باس باسي ته جيڪڏهن الله پاڪ مون کي ان مرض کان شفاياب فرمايو ته مان محفلِ ميلاد شُروع کان آخر تائين ويهي ٻڌندس. ان باس جي برڪت سان الله پاڪ ان کي صحت عطا فرمائي، هاڻي ان جو اهو معمول بڻجي ويو ته هو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۾ سڄي محفل ويهي ٻڌندو آهي. (الاعلام بفتاوي ائمۃ الاسلام حول مولده عليه السلام ص ٩٤)

ترا نام لے کر جو مانگے وہ پائے ترا نام لیوا ہے پیارا خدا کا
ترے رُتبہ میں جس نے چُون و چَرا کی نہ سمجھا وہ بدبخت رُتبہ خدا کا
(ذوقِ نعت،ص۵۸۔۵۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول اهو مبارڪ ۽ عظمت ڀريو مهينو آهي جنهن جو عاشقانِ رسول چڻ تہ سڄو سال انتظار ڪندا آهن. هن مهيني جي ايندي ئي سڄي دنيا جا مسلمان پنهنجي محبوب آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **يومِ ولادت** وڏي شان ۽ شوڪت ۽ نهايت عزّت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن، رَبيعُ الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي غلامانِ مصطفي ۽ عاشقانِ ميلاد خوشي سان جهومي پوندا آهن، چڻ هر پاسي بهار جو نظارو هوندو آهي، باغِ اُلفت سرسبز ٿي ويندو آهي، دلين جون مڪڙيون ٽڙڻ لڳنديون آهن ۽ خوش نصيبن جي لبن تي نعت ۽ دُرود و سلام جا وِرد جاري ٿي ويندا آهن، عاشقانِ رسول پنهنجا گهر، گهٽيون، جايون، دڪان ۽ بازار سجائيندا آهن ۽ **اجتماعِ ميلاد ۽ محفلِ دُرود** جون اينڌڙ صَلِّ عَلٰی جون صدائون ٻڌي ڪن ٺري پوندا آهن ۽ چو نہ ٺرن جو ربيع الاول جي مهيني ۾ اهي نور وارا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا، جن جي نور سان هي ڪائنات روشن آهي، جن جي نور سان زمين ۽ آسمان روشن آهن، جن جي نور سان سج ۽ چنڊ روشن ٿيا، جن جي نور سان تارن ۽ ڪهڪشائن ۾ روشني آهي، جن جي نور سان اونداهيون ختم ٿيون، جن جي نور سان جهالت جا انڌيرا ختم ٿي ويا، جن جي نور سان گمراهن کي هدايت جي واٽ ملي ۽ اهي ڀٽڪيل ماڻهو، ان نورِ مجسم، شفيعِ معظم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان نور جي خيرات ماڻي چنڊ تارا بڻجي خود نُور جون روشنيون ورهائڻ لڳا. اهي نور وارا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻارهن (12) ربيعُ الاول جي ڀلاري ڏينهن هن ڪائنات ۾ جلوه افروز ٿيا.

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين هاڻي اسان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مختلف معجزن جي باري ۾ ٻڌنداسين

## روشن چهرو

(1) حضرتِ سَيدُنا اَسِيد بن اَبي اناس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري منهنجي چِهري ۽ سيني تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيريائون، ان جي بَرَڪت هي ظاهر ٿي ته مان جڏهن بہ ڪنهن اونداهي گهر ۾ داخِل ٿيندو آهيان، اهو گهر روشن ٿي ويندو آهي. (الخَصائِصُ الڪبْري،٢ /١٣٢وتاريخ دمشق،٢١/٢٠)

## لٺ روشن ٿي وئي

(2)حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان فرمائن ٿا تہ بہ صحابي حضرت اُسيد بن حضير ۽ عباد بن بشر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا اونداهي رات ۾ گهڻي دير تائين حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گفتگو ڪندا رهيا، جڏهن هي ٻئي بارگاهہ رسالت مان پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا تہ هڪ جي لٺ (Stick) خود بخود روشن ٿي وئي ۽ هو ٻئي انهيءَ لٺ جي روشني ۾ هلندا رهيا جڏهن ڪجهه پري هليا تان جو ٻنهي جي گهرن جي واٽ جدا ٿي تہ ٻئي جي لٺ بہ روشن ٿي وئي ۽ ٻنهي پنهنجي پنهنجي لٺ جي روشني جي سهاري سخت اونداهي رات ۾ پنهنجي پنهنجي

گهرن تائين پهچي ويا. (مشكاة المصابيح،كتاب الفضائل والشمائل،باب الكرامات، الحديث:٥٩٤٤، ج٢، ص٣٩٩)

## وڻ جي ٽاري روشن ٿي وئي

(3) حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت قتاده بن نعمان رضي الله عنه حضور صلّى الله عليه وآله وسلّم سان عشاء جي نماز پڙهي، سخت انڌيري رات ۾ آسمان تي ڪارا ڪڪر هئا، روانگي مهل نبي ڪريم صلّى الله عليه وآله وسلّم پنهنجي دست مبارڪ سان انهن کي وڻ جي هڪ ٽاري عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون تہ توهان بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجي گهر وڃو! اها ٽاري توهان جي هٿ ۾ ائين روشن ٿي ويندي جو ڏهہ ماڻهو توهان جي اڳيان ۽ ڏهہ ماڻهو توهان جي پويان ان جي روشني ۾ هلي سگهندا ۽ جڏهن توهان گهر پهچندؤ تہ هڪ ڪاري شيء کي ڏسندؤ ان کي ماري گهران ڪڍي ڇڏجو، پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن ئي حضرت قتاده رضي الله عنه رسول ڪريم صلّى الله عليه وآله وسلّم جي مبارڪ گهر مان نڪتا تہ اها ٽاري روشن ٿي وئي ۽ اهي ان جي روشني ۾ هلي پنهنجي گهر پهچي ويا ۽ ڏٺائون تہ اتي هڪ ڪاري شيء موجود آهي پاڻ فرمان نبوت مطابق ان کي ماري گهران ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. (المسند للامام احمد بن حنبل،مسندابي سعيد الخدري،الحديث:١١٦٢٤،ج٤،ص١٣١)

## دستِ مبارڪ جي برڪت

(4) حضرت عائذ بن سعيد جسري رضي الله عنه رسولُ الله صلّى الله عليه وآله وسلّم جي بارگاهہ ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صلّى الله عليه وآله وسلّم اوهان منهنجي چهري تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريو ۽ برڪت جي دُعا ڪريو، حضورِ انور، رسولن جي افسر صلّى الله عليه وآله وسلّم ائين ئي ڪيو (يعني اُن جي چهري تي هٿ ڦيريائون ۽ برڪت لاءِ دُعا ڪيائون) اُن وقت کان حضرت عائذ رضي الله عنه جو چهرو ترو تازو ۽ نوراني رهندو هو. (الاصابه في تمييز الصحابه،عائذ بن سعيد ،٢٩٣/٣،رقم ٤٤٦٢)(سيرتِ رسولِ عربي صفحه٢٦٥)

## چهرو چمڪندو هو

(5) حضرت ابو سِنان عبدي صباحي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي چهري تي رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريائون، انهن جي عمر 90 سال جي ٿي وئي پر سندن جو چهرو بجلي جيان چمڪندو هو. (الاصابه في تمييز الصحابه،ابو سنان العبدي ثم الصباحي، ۷/۱۶۴،رقم۱۰۰۶۶)

میں گدا تُو بادشاہ بھر دے پیالہ نور کا
نور دن دُونا ترا دے ڈال صدقہ نور کا

تاج والے دیکھ کر تیرا عمامہ نور کا
سر جھکاتے ہیں الٰہی بول بالا نور کا

جو گدا دیکھو لئے جاتا ہے توڑا نور کا
نُور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

(حدائق بخشش،ص:۲۴۵)

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** غور ڪريو! ته جيڪي سراپا نور آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنهن جي چهري تي دستِ پُرانوار ڦيرين ته اهو روشني ڏيڻ لڳي، جيڪي سراپا نور آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لنين ۽ ٿارين تي توجهه فرمائن ته اهي برقي قمقمي جيان روشن ٿي وڃن ته اهڙي نوراني آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پنهنجي نورانيت جو ڇا عالم هوندو، هنن واقعن مان اهو به معلوم ٿيو ته ! پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات بظاهر بشريت هئي پر حقيقت ۾ پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ متي کان پيرن تائين نور ئي نور هئا.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| روشن کر قبر بیکسوں کی | اے | شمعِ | جمالِ | مصطفائی |
| اندھیر ہے بے ترے مِرا گھر | اے | شمعِ | جمالِ | مصطفائی |
| آنکھوں میں چمک کے دل میں آجا | اے | شمعِ | جمالِ | مصطفائی |
| تاریک ہے رات غمزدوں کی | اے | شمعِ | جمالِ | مصطفائی |
| پُر نور ہے تجھ سے بزمِ عالم | اے | شمعِ | جمالِ | مصطفائی |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا جو ايترو تہ اثر هوندو هو جو جڏهن سندن هٿ مبارڪ کڻندا هئا تہ ڪم بڻجي ويندا هئا اچو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دعا جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا

## ڪڪر هٽي ويا

حضرت انس بن مالڪ رضِیَ اللہُ عَنْہُ جو بيان آهي تہ عرب ۾ نهايت ئي سخت ڏڪار پئجي ويو هو ان وقت جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبي لاءِ منبر تي چڙهيا تہ هڪ اعرابي (عرب شريف جي ڳوناٺي) اٿي بيهي فرياد ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم برسات نہ پوڻ سبب جانور هلاڪ ۽ ٻار ٻچا بک کان تباهہ ٿي رهيا آهن تنهنڪري توهان دعا فرمايو تہ مينهن وسي. ان وقت آسمان تي ڪڪرن جو ڪو نالو نشان نہ هو پر جيئن ئي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا هٿ مبارڪ کنيا تہ هر طرف کان جبلن وانگر ڪڪر اچي ڇانئجي ويا ۽ اجان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تان لٿا بہ ڪونہ هئا تہ برسات جا ڦڙا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نوراني ڏاڙهي مبارڪ تي ڪرڻ لڳا ۽ انن ڏينهن تائين زوردار برسات ٿيندي رهي ايتري تائين جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻئي جمعي تي خطبي جي لاءِ جڏهن منبر تي رونق افروز ٿيا تہ اهو ئي اعرابي يا ڪو ٻيو اٿي بيهو ۽ وڏي آواز سان فرياد ڪرڻ لڳو تہ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر ڪري پيا ۽ مال ۽ جانور هلاڪ

تي ويا تنهنڪري توهان دعا فرمايو تہ برسات بند ٿي وڃي. اهو ٻڌي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري پنهنجا هٿ مبارڪ کنيا ۽ هي دعا فرمائي تہ ”اَللّٰهُمَّ حَوَالَيْنَا وَلَا عَلَيْنَا“ اي الله! اسان جي آسپاس برسات ٿئي ۽ اسان تي نہ ٿئي پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڪرن جي طرف پنهنجي دست مبارڪ سان اشارو فرمايو تہ مديني جي آسپاس کان ڪڪر هٽي ويا ۽ مديني ۽ ان جي آسپاس ۾ برسات بند ٿي وئي.[1]
(بخاري جلد 1 ص 127 باب الاستسقاء في الجمعة)

## پيارا پيارا اسلامي ڀائرو آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا انهن معجزن کان علاوه بہ بيشمار معجزا آهن اچو انهن مان برڪت وارن ڪجهه معجزن جي باري ۾ ٻڌون ٿا: جيئن تہ

## حضرت ابو هريره ۽ هڪ پيالو کير

هڪ ڏينهن حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بک کان بيحال ٿي رستي تي ويهي رهيا. حضرت ابوبڪرصديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پرسان گذريا تہ انهن کان هن قرآن جي هڪ آيت معلوم ڪئي مقصد اهو هو تہ شايد هو مونکي پنهنجي گهر وٺي وڃي ڪجھ کارائيندا پر انهن رستي تان گذرندي آيت ٻڌائي ۽ هليا ويا. پوءِ حضرت عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان رستي تان گذريا انهن کان بہ هن هڪ آيت جو مطلب پڇيو، مقصد ساڳيو ئي هو تہ ڪجھ کارائيندا پر هو بہ مطلب ٻڌائي هليا ويا. ان کان پوءِ حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا ۽ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي منهن کي ڏسي پنهنجي خداداد بصيرت سان ڄاڻي ورتائون تہ هي ”بکيا آهن“. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي سڏ ڪيو، انهن جواب ڏنو ۽ گڏ هلڻ لڳا جڏهن پاڻ ڪاشانۂ نبوت تي پهتا تہ گهر ۾ کير سان ڀريل هڪ پيالو ڏٺائون

[1] (صحيح البخاري، ڪتاب الاستسقاء، باب من تمطر في المطر ... الخ، الحديث: 1033، ج 1، ص 353)

گهروارن کين ان ماڻهوءَ جو نالو ٻڌايو جنهن کير هديو موڪليو هو. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي حڪم ڏنو ته وڃ ۽ سيني اصحابِ صفه کي سڏي ڪري اچ. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳا ته هڪ ئي پيالو ته کير آهي ان کير جو وڌيڪ حقدار ته مان هئس جيڪڏهن مونکي ملي وڃي ها ته مون کي بُک جي تڪليف کان ڪجهه راحت ملي وڃي ها هاڻي ڏسون ته اصحابِ صفه جي اچڻ کان پوءِ پلا ان مان ڪجهه مونکي ملي به ٿو يا نه؟ انهن جي دل ۾ اهي ئي خيال هلي رهيا هئا پر الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪانسواءِ ڪو حيلو نه هو: تنهنڪري هو اصحاب صفه کي سڏي وٺي آيا هي سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي جڳهه تي هڪ قطار ۾ ويهي رهيا. پوءِ رحمت عالم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کي حڪم ڏنو ته ”تون پاڻ ئي انهن سيني کي کير پيئار“ اهڙي طرح انهن سيني کي پيئارڻ شروع ڪيو جڏهن سيئي پيٽ پري پي سيراب ٿي ويا ته حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي رحمت وارن هٿن ۾ اهو پيالو ڪنيو ۽ حضرت ابو هريره جي طرف ڏسي مسڪرايو ۽ فرمايائون ته هاڻي صرف مان ۽ تون رهجي ويا آهيون اچ ويهه ۽ تون پيئڻ شروع ڪر. انهن پيٽ پري کير پيتو ۽ پيالو رکڻ چاهيو ته حضور اڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”اجان پيءُ“ تنهنڪري انهن ٻيهر پيتو پر پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هرهر فرمائيندا رهيا ته ”اجان پيءُ اجان پيءُ“ ايتري تائين جو حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ عرض ڪيو يارسول الله! (صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي ان ذات جو قسم آهي جنهن توهان کي حق ٻڌائي موڪليو آهي ته هاڻي منهنجي پيٽ ۾ بلڪل به گنجائش ناهي رهي. ان کان پوءِ حضور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالو پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ جيڪو کير بچيو هو رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بسم الله پڙهي پي ڇڏيو.[1] (بخاري جلد 2 ص 955 کان 956 باب ڪيف کان عيش النبي)

---

[1] (صحيح البخاري، ڪتاب الرقاق، باب ڪيف ڪان عيش النبي ... الخ، الحديث: 6452، ج 4، ص 234)

هي ئي اهو معجزو آهي جنهن جي طرف اشارو ڪندي اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جن فرمايو ته

کيوں جناب بوہریرہ کیسا تھا وہ جام شیر
جس سے ستر صاحبوں کا دودھ سے منہ پھر گیا

## آڱرين مبارڪ مان پاڻي جون نهرون

حديثن جي تلاش ۽ جستجو مان معلوم ٿئي ٿو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ آڱرين مان تقريباً ٽيرنهن موقعن تي پاڻي جون نهرون جاري ٿيون انهن مان صرف هڪ موقعي جو ذڪر هتي تحرير ڪجي ٿو.

سن 6 هجري ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمري جو ارادو ڪري مدينه منوره کان مڪه مڪرمه لاءِ روانا ٿيا ۽ حديبيه جي ميدان ۾ لهي پيا. ماڻهن جي گهڻائيءَ سبب حديبيه جو کوهه سُڪي ويو ۽ حاضرين پاڻي جي هڪ هڪ ڦڙي لاءِ محتاج ٿي ويا. ان وقت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جو درياء جوش ۾ اچي ويو ۽ پاڻ هڪ وڏي پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڇڏيائون ته پاڻ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مبارڪ آڱرين مان ائين پاڻي جون نهرون جاري ٿي ويون جو پندرنهن سو جو لشڪر سيراب ٿي ويو. ماڻهن وضو ۽ غسل به ڪيو، جانورن کي به پيئاريو، تمام گلين ۽ ٿانوَن کي به ڀري ڇڏيو. پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالي مان هٿ مبارڪ ڪڍيو ۽ پاڻي ختم ٿي ويو. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ماڻهن کان پڇيو ته ان وقت توهان گهڻا ماڻهو هئا؟ ته انهن فرمايو اسان پندرنهن سو جي تعداد ۾ هئاسين پر پاڻي ايترو گهڻو هو جو،

لَوْ كُنَّا مِائَةَ اَلْفٍ لَكَفَانَا [1]

(مشڪوات جلد 2 ص 532 باب المعجزات)

---

[1] (مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة وبدء الخلق، باب المعجزات، الحديث: 5882، ج 2، ص 383)

جيڪڏهن اسان ماڻهو هڪ لک بہ هجون ها تہ سيني کي اهو پاڻي ڪافي ٿي وڃي ها. اها حديث بخاري شريف ۾ بہ آهي ۽ حضرت جابر رضی اللہ عنہ کان علاوه حضرت انس ۽ حضرت براء بن عازب رضی اللہ عنہما جي روايتن مان بہ آڱرين مان پاڻي جون نهرون جاري ٿيڻ جون حديثون مروي آهن ملاحظہ فرمايو. (بخاري جلد 1 ص 504، 505 علامات النبوة)

سبحان اللہ! انهيءَ ئي حسين منظر جي تصوير ڪشي ڪندي اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رحمۃ اللہ علیہ ڇا خوب فرمايو آهي:

انگلیاں ہیں فیض پر ٹوٹے ہیں پیاسے جھوم کر
ندیاں پنجابِ رحمت کی ہیں جاری واہ واہ

## قبرانور مان ماني ملي

مشهور بزرگ ۽ صوفي حضرت سيّدُنا ابن جلاد رحمۃ اللہ علیہ جو بيان آهي تہ مان مديني منوره ۾ داخل ٿيس ۽ بکايل هئس مان قبر انور تي حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول اللہ! (صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم) مان توهان جو مهمان آهيان ايترو عرض ڪري مان سمهي پيس. خواب ۾ حضورانور (صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم) مونکي هڪ ماني عنايت فرمائي اڌ مون کائي ڇڏي جڏهن منهنجي اک کلي تہ اڌ ماني منهنجي هٿ ۾ هئي.[1]

## امام طبراني کي کاڌو کيئن مليو

امام ابو بکر مقري چون ٿا تہ مان، امام طبراني ۽ ابو شيخ ٽئي حرمِ نبوي ۾ بکايل هئاسين جڏهن عشاء جو وقت ٿيو تہ مان قبر شريف وٽ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول اللہ صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم! "اسان بکارا آهيون" اهو عرض

[1] (وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381)

ڪري مان واپس موٽي آيس. امام ابو القاسم طبراني مونکي چيو ويهي رهه رزق ايندو يا موت. ابو بڪر مقري جو بيان آهي مان ۽ ابوشيخ ته سمهي پياسين پر امام طبراني وينا هئا ته هڪ علوي اچي دروازو کڙڪايو اسان کوليو ته چا ٽا ڏسون ته ان سان گڏ ٻه غلام آهن جن مان هر هڪ جي هٿ ۾ هڪ ٽوڪري آهي جيڪا قسم قسم جي کاڌن سان ڀريل آهي. اسان ويهي کاڌو ۽ سمجهيو ته بچيل کاڌو غلام کڻي ويندو پر هو بقايا کاڌو به اسان وٽ ڇڏي هليو ويو. جڏهن اسان کائڻ کان فارغ ٿياسين ته علوي اسان کان پڇيو ته چا توهان حضورنبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي فرياد ڪئي هئي چو ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ مونکي حڪم ڏنو ته مان توهان وٽ ڪجهه کاڌو کڻي وڃان.[1]

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي اسان ٽيلي ٿون جي باري ۾ پڙهنداسين.**

## ٽيلي ٿون جي ترغيب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ تقريبًا 104 کان وڌيڪ **شعبن** جي ذريعي دِين و سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعة المدينه** ۽ **مدرسة المدينه** به شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي، سڄي دنيا ۾ تقريبًا 3000 کان وڌيڪ **مدارس المدينه** ۾ 144000(هڪ لک چوئيتاليهه هزار) کان وڌيڪ مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون قرآني تعليم سان پاڻ کي آراسته ڪري رهيا آهن، جڏهن ته هاڻي 300000 (ٽي لک) کان وڌيڪ مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون حفظ ۽ ناظره جي سعادت حاصل ڪري چڪيون آهن، جڏهن ته سڄي دنيا ۾ 606 **جامعات المدينه** ۾ 50000 (پنجاهه هزار) کان وڌيڪ **شاگرد ۽ شاگردياڻيون** دِيني تعليم پرائڻ ۾ مشغول آهن، صرف هنن ٻن شعبن جا اخراجات سالانه **ڪروڙين روپيا** آهن.

---

[1] (وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381)

اِنْ شَآءَاللّٰہ، 24 نومبر2019، متوقع 26 ربيع الاول آچر جي ڏينهن 02:00 وڳي ايندڙ ڏينهن صبح 05:00 وڳي تائين **ٽيلي ٿون** (Telethon) جو سلسلو ٿيندو. پاڪستاني ڪرنسي جي مطابق في يونٽ:10 هزار روپيہ جو هوندو.

پياري آقا، بنهين جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ غيب نشان آهي :”آخري زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو.“ (المعجم الكبير، ٢٠/٢٧٩،حديث:٦٦٠،ملخصاً) اڄ جي دور جا جيڪي تقاضا آهن اهي ڪنهن سان لڪيل نہ آهن، ان ڪري دِين جي ڪمن ۾ تعاون جي لاءِ پنهنجي صدقات، عطيات ۽ خيرات وغيره سان تعاون فرمايو، اِنْ شَآءَاللّٰہ اوهان جو ڏنل صدقو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙ فائدن جو سبب بڻجندو،

اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِدِين و ملّت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جن فتاويٰ رضويہ جلد 23،صفحي 152 تي صدقي جي فضيلتن بابت حديث مبارڪ مان حاصل ٿيل جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، تنهن ۾ هي بہ آهن: ❖ **الله** پاڪ جي حڪم سان (صدقو ڏيندڙ) بُري موت کان بچندا، ستّر دروازا بُري موت جا بند ٿيندا. ❖ ان(صدقو ڏيندڙ) جون عُمرون گهٽيون ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيندڙن وٽ) رزق جي وسعت، مال جي گهٽائي ٿيندي، ❖ (۽ صدقو ڏيندڙ) صدقو ڏيڻ جي عادت سبب ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙ) خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) آفتون بلائون پري ٿينديون، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) بُري قضا ٽرندي، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر (70) دروازا برائي جا بند ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر(70) قِسم جون بلائون پري ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيندڙن سان) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ❖ رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيندڙن) جي لاءِ واجب ٿيندي. ❖ ملائڪ اُنهن (يعني صدقو ڏيندڙن) تي درود موڪليندا.

ان کان علاوہ بہ ڪوڙ دِيني ۽ دنيوي فائدا آهن جيڪي صدقي ڏيڻ سان حاصل ٿين ٿا، تنهنڪري ضرور بالضرور اوهان پاڻ بہ ٽيلي ٿون مهم ۾ تعاون

ڪريو، پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ان ۾ يونٽ جمع ڪرايو، وڌيڪ نہ هجي تہ گهر جي هر فرد جي طرفان گهٽ ۾ گهٽ هڪ يونٽ تہ ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ٺاهي هيئنر کان ئي ان جي لاءِ رابطا شروع ڪري ڇڏيو.

الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد